سلسليوار مئگزين

# خاص

مارچ 2022

ايڊيٽر:

**خالق خاصخيلي**





چلو چلو
06 یوم تاسیس
بھٹ شاہ چلو
23
مارچ
منجانب، پاکستان خاصخیلی اتحاد یوتھ ٹیم ضلع ملیر



جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجَھ به اوڏِيائي مَگَانءِ
رِءَ تَنيين، رِءَ ٽُوٽِيين، تُون ڇَپَرُ، تُون ڇانءَ
ڪُڄاڙو ڪَهانءَ؟ توکي مَعلُومُ سَيَڪا

سلسليوار مئگزين

# خــــاص


جلد نمبر: 7/2022

چيف ايڊيٽر: **سرائي نياز حسين خاصخيلي**

ايڊيٽر: **خالق خاصخيلي**

ڪمپوزنگ اينڊ لي آئوٽ: **شڪور حسين**

شمارو: **ستون**

قيمت: 50 **روپيه**

پاران: **پاڪستان خاصخيلي اتحاد**

ايڊريس: **خاصخيلي هائوس خيرپور ميرس**

رابطہ نمبر: 0301_3430296


## ايڊيٽر پاران

آءُ سرهائي محسوس ڪريان ٿو تہ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي پليٽ فارم تان سنڌ جي سڄڻن کي هي ستون شمارو ارپيان ٿو. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ هن شماري ۾ معياري ۽ تحقيقي مواد شامل ڪيان، ان کان سواءِ گذريل سال جي سرگرمي اوهان آڏو پيش ڪيان، جيئن تاريخ ۾ هي مواد سانڍجي وڃي هن خاص ميگزين ۾ جيڪي انٽرويو ڪيم سي ڀٽ شاهہ جي نگري ۾ آڊيو رڪارڊ ڪري گهر اچي آڊيو کي پنن تي اتاريم ان بعد فيئر ڪري هي مواد رجسٽر ۽ ڪمپيوٽر کان ٿيندو پريس جي پنن ۾ سمائجي اوهان جي هٿن ۾ پهتو آهي. اڪرن جو عشق ۽ آءُ اڪيلو ان عشق ۾ سياري جي سرد رات جو ويهي هر سال جيان اڄ بہ ڀٽ شاهہ تي حاضر آهيان، اوهان سڄڻن جو ۽ سرائي صاحب جو ساٿ هميشہ رهيو آهي. اوهان جو پيار ۽ اتساهہ شامل رهيو آهي نہ تہ هي ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي. مسلسل هڪ مهيني جي جاڳوڙ ۽ ولوڙ بعد هي مواد سهيڙيو اٿم هن سال دوران خاصخيلي قبيلي جا ڪافي دوست موڪلائي ويا جن لاءِ دعاگو آهيان. حياتي رهي تہ ايندڙ سال وري هن يوم تاسيس تي ملبو اچو تہ محبتون ونڊيون ۽ متحد رهون.


ايڊيٽر:
خالق ڏنو خاصخيلي
ضلع خيرپور ميرس
0301-3430296

# تاريخ جوورق

ليکڪ: رحيمداد مولائي شيدائي

اڄڪل ٽن چئن سالن کان ساندهه سنڌ جي هر ضلعي مان خطن جو وسڪارو مون ڏانهن جاري آهي جن جي عبارت هن طرح آهي ته اسين خاصخيلي ڪير آهيون؟ ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي اسان فيصلو ڪيو آهي ته آئينده پاڻ کي خاصخيلي سڏائڻ بدران مومن سڏائينداسون فقط اوهان جي فيصلي لاءِ ترسيل آهيون انهن خطن مان هڪ ٻن سڄڻن مون کي پريت ۽ پيار سان جواب ڏنو ۽ پر سوئڻ لڳا ۽ چيائون ته هڪ سرڪ سان روح ڪونهه سرچندو ڪو پرپور پيالو پري پيار انهي باري ۾ مان خاصخيلي سڄڻن کان پڇان ٿو ته خاصخيلي سڏائڻ ڪو مهڻو آهي ڇا. ڇا خاصخيلي مومن ڪونهه آهن؟ خاصخيلي تمام سٺي ۽ بهترين ذات آهي، خاص ۽ خيلي ٻئي عربي زبان جا لفظ آهن خاص معنىٰ نج يا ذاتي ۽ خيل معنىٰ فوج، ڇا اهيو عربي نالو شهادت نٿو ڏئي ته اوهين مومن آهيو سنڌو ماٿري جون ڪي قومون پنهنجي پيشن سان سڏجن ٿيو پر خاصخيلين جا وڏا مرد مجاهد ۽ غازي جوان هئا. جهاد جي ارادي سان اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿي ترقي ڪري خاص خيل جي عهدن تي پهتا، جو هڪ فوجي ممتاز عهدو آهي، اوهان جا وڏا پنهنجي بازن جي قوت ۽ شوق جهاد ڪري بلند رتبو حاصل ڪري ويا، اوهان لاءِ اهيو انعام ڇڏي ويا جو اڄ به وڏن جي جان بازي ڪري اوهين خاص لقب سان سڏجو ٿا. ڇا اهڙي ممتاز لقب کان سواءِ ٻيو ڪو وڏو لقب ٿي سگهي ٿو. خاصخيلي سنڌ جو هڪ تاريخي قبيلو آهي جنهن جي سپاهيانه زندگي شاندار ماضي جي ان سونهري دؤر جي ياد ٿي ڏياري. جڏهن سنڌي مائرون پنهنجي لولين ۾ نئونهالن کي سپارٽا ۽ جنگي مورڪن جون ڪهاڻيون ياد ڏياريندیون هيون جڏهن اسان سنڌين ۾ فوجي جوهر هو سنڌ جي سپوت سپاهين پنهنجا ڪارناما دنيا کي ڪري ڏيکاريا انهن مان ڪجهه قومون اڄ تائين فوجي نالن سان سڏجن ٿيون. سلطان محمود غزنوي جي فوجين ۾ ترڪ، تاجڪ توراني، ايراني، عرب، هندي، سنڌي، پٺاڻ ۽ ٻروچ شامل هيا. ڪو ملڪ فتح ڪندو هو ته مال غنيمت مان سپاهين کي حصو ملندو هيو. هي پهريون دفعو هو جڏهن خاصخيلي عام سپاهي طور سلطاني فوجين ۾ شامل ٿيا ۽ غلام سلاطين جي ڏينهن ۾ دهلي پهتا، اتي بهادري جي ڪري خاص خيل عهدي تي پهتا، خاص خيل قبيلو عرب ايران کان ٿيندو افغان ۾ داخل ٿيو اتان سنڌ تائين پهتو. محمد بن قاسم سان به هي قبيلو هر وقت اسلامي لشڪر ۾ شامل رهيو. خاصخيلي قبيلو هر دؤر ۾ لڙاڪو ۽ بهادري سبب پنهنجو نالو تاريخ جي سونهري لفظن ۾ لکائي چڪو آهي. توهان اها پلاري ذات آهيو جيڪا اسلامي لشڪر سان هر جهاد تي سپهه سالار اڳواڻ ۽ ڪمانڊنگ جا جنرل رهيا آهيو. توهان جا قصا ۽ توهان جون ڪهاڻيون لوڪ ادب ۾ ڇا پر دنيا جي تاريخ ۾ ممتا ماڻي چڪا آهن.

نوٽ: هي مضمون ڳوٺ سڏار رسالي تان مئي ١٩٦٠ع تان ورتل آهي.

# انٽرويو سرائي نياز حسين خاصخيلي

چيئرمين پاڪستان خاصخيلي اتحاد

**سوال: سرائي نياز حسين خاصخيلي اوهان پنهنجي شروعاتي زندگي بابت ٻڌايو؟**

**جواب**: ادا مون الحاج سجاول خان خاصخيلي جي گهر ۾ 1968ع ۾ اک کولي. مون پرائمري تعليم وليداد خاصخيلي مان مئٽرڪ 1983ع ۾ پڪاچانگ مان ۽ انٽر 1985ع ۾ سپريئر سائنس ڪاليج خيرپور مان ڪئي، ان بعد LLB لا ڪاليج خيرپور مان ۽ M.A سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ڪئي آهي. تعليم هلندي 1986ع ۾ آءٌ انگريزي جو استاد ٿيس. منهنجو والد سجاول خان خاصخيلي اتحاد ۾ صوبائي صدر به رهيو هو، ان جي وفات بعد قوم جو بار منهنجي مٿان پيو، آءٌ بنياديءَ طرح سماجي ورڪر هيس، ان ڪري مون جبري طور 19 گريڊ ۾ 2012ع ۾ رٽائر ٿيس. ان بعد آءٌ آزاد ٿي قبيلي جي ڪمن ۾ لڳي ويس منهنجو والد هڪ صاف سٿرو زميندار ۽ سياسي ماڻهو هو، مون ڪڏهن به ڏکيو ڏينهن نه گذاريو آءٌ ٻچپن کان بابا سائينءَ سان گڏ هوندو هيس، بابا منهنجو وڏو خيال رکندو هو. منهنجي والد 1965ع ۾ ويليز جيپ خريد ڪئي ۽ يعني منهنجي زندگي بادشاهن واري گذري.

**سوال: اوهان کي پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو خيال ڪيئن ۽ ڇو آيو؟ ان جو مقصد ڇا هو؟**

**جواب**: خالق! اڳ ۾ آءٌ راڄوٽي اتحاد جو صوبائي صدر رهيس منهنجو والد به صوبائي صدر رهيو مان راڄوٽي اتحاد ۾ وڏو سرگرم رهيس سڄي سنڌ ۾ گهر گهر وڃي قوم ۽ قبيلي کي متحد ڪيو منهنجي صدارت دوران وڏا وڏا جلوس، ڌرڻا ۽ ايوينٽ ٿيا، اها منهنجي محنت هئي. ان محنت جو سلو اهو مونکي مليو جو منهنجي صلاح کان سواءِ نادر شاهي حڪم جاري ڪري غلط فيصلا ڪيا ويا مون سان ڪا به مشاورت نه ڪئي وئي. ان جا نتيجا منفي اچڻ لڳا. مون مرحوم علي نواز خاصخيلي ۽ غلام مصطفیٰ سان صلاح ڪئي ته پاڻ هڪ سپريم ڪائونسل ٺاهيون جنهن ۾ عقلمند ۽ ڏاها ملائي هڪ ڪائونسل ٺاهيون جيڪا مشاورت سان هن اتحاد کي هلائي جيئن پاڻ سياسي طرح سان مضبوط رهون ان ۾ غلام مصطفیٰ مخالفت ڪئي ته سڀ ڪجهه مان پاڻ آهيان هر فيصلو منهنجو هلندو منهنجي مٿان سپريم ڇا جي ٺاهجي؟ مان پاڻ سردار آهيان. ان مد ۾ مون نظرياتي اختلاف ڪندي غلام مصطفیٰ کان ڌار ٿيس، مون سان گڏ ٻيا به سوين ماڻهو گڏ ٿي ويا آخر دوستن جي راءِ تي مون هالا ۾ 2016ع ۾ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو وجود آندو. اتي عقلمندن جي راءِ سان سپريم ڪائونسل ٺاهي. ضلعي صدر ترتيب ڏنم ۽ هي ساٿ سچو اٿان شروع ٿيو.

میں اکیلا ہی چلا تھا سوۓ منزل
لوگ آتے گئے کارواں بنتا گیا

**سوال: سرائي نياز حسين جڏهن توهان پاڪستان خاصخيلي اتحاد ٺاهيو ته ان وقت ڪي ڏکايون پيش آيون؟**

**جواب:** بلڪل وڏيون ڏکايون پيش آيون، پهريان ته آءُ بهترين دوستن سان هر مسئلو شيئر ڪندو آهيان مون وٽ بهترين دوستن جو سمنڊ آهي پر ڪجهه دوستن حرڪتون ڪيون تن دوستن کي مون سمجهايو مگر اهي باز نه آيا ان بعد اهي دوست مونکان پاڻهين جدا ٿي ويا. مون دوستن کي چيو ته ڪم ڪيو عزتون وٺو نه ته پاسي رهو. مون کي ڪم ڪرڻ ڏيو. بهرحال رٺل دوست جتي به هجن خوش هجن هنن لاءِ مون وٽ اجان به احترام آهي.

**سوال: هن سفر دوران ڪو يادگار واقعو هجي ته ٻڌايو؟**

**جواب:** مونسان ته روز واقعا ٿيندا آهن منهنجي زندگي واقعن تي ٻڌل آهي مان ڏکين واقعن مان گذاري هن منزل تي پهتو آهيان. مون سنڌ جي هر مظلوم خاصخيلي جي مدد ڪئي آهي، پر مون کي سڀ کان وڏيڪ تانيه خاصخيلي جي ڪيس ۾ دوستن لفظن جا خنجر هنيا يا هڪ دفعي سانگهڙ ۾ برساتي ٻوڏ آهي خاصخيلين جي ڳوٺن ۽ گهرن ۾ پاڻي اچي ويو، مون جڏهن اها خبر TV تي ڏٺي ته صبح تي مان دوستن کي فون ڪندو سانگهڙ پهتس. اتي مون کان اڳ ۾ دشمنن اها خبر هلائي ته سرائي نياز حسين بند ٽوڙائڻ لاءِ ماڻهون وٺيو ٿو اچي. سو اتان جا ماڻهون هٿيارن سان ليس ٿي منهنجي تاڙ ۾ مورچابند ٿي ويٺا، مان اتي پهتس ته مون چيو ته مان مظلوم خاصخيلين جي مدد لاءِ آيو آهيان مونکي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو مون DC ۽ سنڌ حڪومت سان ڳالهيايو ته هنن ڳوٺن جو پاڻي نيڪال ڪيو وڃي مون خود اتي بيهي پنهنجي غريب خاصخيلين جي مدد ڪئي ۽ هو دشمن ڏسي لڄي ٿي موٽي ويا.

**سوال: سرائي صاحب هن اتحاد کي مستقبل ۾ ڪيئن پيا ڏسو اڳتي هلي ڪيترا نتيجا ڏيندو؟**

**جواب:** خالق! هن اتحاد جو ستون يوم تاسيس پٽ شاهه تي ملهائي رهيا آهيون ان پروگرام ۾ هزارين خاصخيلي ورڪر ايندا جنهن ۾ سڄي سال جي ڪارڪردگي ۽ مستقبل پلان بيان ڪيو ويندو. هن اتحاد کي پاڪستان جو هر ادارو مڃي ٿو. ۽ هن اتحاد جي هر ماڻهو عزت ڪري ٿو. هي اتحاد مظلوم قبيليءَ جو اتحاد آهي. پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو وجود هڪ سگهاري قوت رکي ٿو. اسين نوي لک خاصخيلي متحد ۽ منظم آهيون هن جا نتيجا ۽ ڪم اوهان سامهون آهن.

**سوال: سرائي صاحب توهان جي عهديدارن يا ورڪرن کان ڪا شڪايت آهي؟**

**جواب:** ادا... دوست سڀ هڪ جهڙا نه آهن شڪايت اها آهي ته ڪافي دوست عهدن جو غلط فائدو وٺن ٿا ۽ انهن کي منهنجو چتاءُ آهي ته غريبن جي مدد ڪيو پنهنجن سان پيار ڪيو آءُ جنهن کي عهدو ڏيان پيو ان کان ضرور پڇاڻو به ڪندس ۽ ڪيو به اٿم هو پنهنجو قبلو درست ڪن يا عهدن تا استعيفيٰ ڏئي ڇڏين جيئن نوان چهرا اڳيان اچن.

**سوال: اوهان جي پسنديده شخصيت ڪهڙي آهي؟**

**جواب:** پسنديده شخصيت حضور ڪريم ﷺ جي ايم سيد ۽ ذوالفقار علي ڀٽو.

**سوال: اوهان شادي ڪڏهن ڪئي اها پنهنجي پسند يا مائٽن جي پسند هئي؟**

**جواب:** ادا مون ٻه شاديون ڪيون پهرين شادي 1982ع ۾ ڪئي پنهنجي سؤٽ سان ۽ والدين جي پسند سان جنهن مان مونکي هڪ نياڻي ۽ ٽي پٽ آهن. جنهن مان وڏو پٽ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل آهي. ٻي شادي مون پنهنجي پسند سان 1996ع ۾ ڪئي ان مان مونکي ٽي نياڻيون ۽ ٻه پٽ آهن وڏي نياڻي ڊاڪٽر آهي ٻي نياڻي IBA ۾ پڙهي ٿي. منهنجو وڏو پٽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ BE سافٽ ويئر انجنيئرنگ ۾ ڪري ٿو ۽ ننڍو پٽ Law پيو ڪري، ماشاءَ الله اولاد بهتر تعليم حاصل ڪري رهيو آهي.

**سوال: سرائي صاحب توهان نوجواني ۾ عشق به ڪيو ڇا اهو ڪامياب ويو؟**

**جواب:** جي ها عشق ڪيو ۽ ڪامياب ويو ان سان پيار پرڻو ڪيو جنهن سان اڃان عشق هلي پيو پيو عشق منهنجو ڌرتيءَ سان ۽ قوم سان آهي.

**سوال: اوهان جي ڪا خواهش جيڪا اڃ پوري هجي؟**

**جواب:** ادا خواهش اها آهي ته اتحاد جي پليٽ فارم تان سٺا ادارا کوليان جنهن سان قوم کي فائدو ٿئي جنهن ۾ تعليم، صحت ۽ ترقي جي لاءِ جامع ڪم ڪجي.

**سوال: اوهان پنهنجي برادري لاءِ ڪو ماسٽر پلان جوڙيو ته وضاحت ڪجو؟**

**جواب:** جي ها بلڪل جڏهن سپريم ڪائونسل جا ڏاها ويهندا آهن ته مستقبل جا پلان ٺاهيندا آهن هر سال ۾ ٽي دفعا اجلاس ٿيندو آهي جنهن ۾ گڏيل راءِ سان فيصلا ڪيا ويندا آهن. جن جا مقصد خاص ميگزين ۾ شايع ڪيا ويندا آهن.

**سوال: سرائي صاحب زندگي تي پروسو ناهي الله توهان کي خضري حياتي ڏيندو. اوهان کان پوءِ هن اتحاد جو سلسلو ڪيئن هجڻ گهرجي؟**

**جواب:** هي اتحاد ڪنهن جي مورثي ملڪيت نه آهي. جيڪو ڪيڙي سو ڪائي آءُ مورثيت خلاف آهيان مون محنت ڪئي ان جو ڦل مون کي مليو. منهنجو اولاد جيڪڏهن بهتر ڪم ڪري ٿو ته فيصلو سپريم ڪائونسل ڪندي، جنهن کي چاهي چيئرمين ڪري.

**سوال: آخر ۾ قوم ۽ قبيلي لاءِ پيغام ڏيو؟**

**جواب:** اڇو ته هڪٻئي جي عزت ڪريون پنهنجي غريب ماڻهن جي مدد ڪريون سنڌ ڌرتي جي خدمت ڪريون.

## ملاقات

فيض محمد خاصخيلي (اطلاعات سيڪريٽري)

**سوال: فيض صاحب اوهان پنهنجو مڪمل تعارف ڪرائجو؟**

**جواب:** ادا خالق منهنجو نالو فيض محمد منهنجو تعلق ٽنڊو آدم سان آهي پر اسان کي هتي "خيرپوري خاصخيلي" جي نالي سان سڏيندا آهن منهنجي ڪجهه تعليم خيرپور ميرس جي شهر سيٺارجه ۾ ٿي. منهنجو جنم 1956ع ۾ ٿيو. مون شروعاتي تعليم اسڪول پيرو فقير شورو مان ڪئي ميٽرڪ 1972ع ۾ سيٺارجه مان ڪئي. منهنجو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر هيو ان جي جتي بدلي ٿي اتان مان تعليم حاصل ڪئي مونکي 1972ع ۾ ماستري ملي ڪجهه سالن بعد ماستري ڇڏي 1975ع ۾ حبيب بئنڪ ۾ ڪلارڪ ٿيس 1985ع ۾ پروموشن ٿي ۽ آءُ ڪراچي شفٽ ٿي ويس جتان 2017ع ۾ رٽائر ٿيس.

**سوال: فيض صاحب اوهان جو ٻاروتڻ ڪيئن گذريو؟**

**جواب:** سائين منهنجي ماضي ڏاڍي شاندار گذري چو ته منهنجو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر هيو منهنجو والد جاين جو وڏو ڪاريگر هيو منهنجو ٻچپن بادشاهن وارو گذريو پر منهنجا ابا ڏاڏا اصل ۾ غريب هيا پر اسان کي پڙهائي اعلىٰ درجن تي پهچايو.

**سوال: حاجي فيض صاحب اهڙو ڪو سماجي ڪم جنهن سان اوهان کي دلي سڪون ٿيو هجي؟**

**جواب:** ها خالق مان خيرپور ميرس ۾ پڙهندو هيس ان ڳوٺ ۾ آءُ ۽ مرحوم غلام نبي خاصخيلي گڏجي وڏي ڪوشش بعد ڳوٺ کي بجلي ڏياري اها منهنجي وڏي خوشي جي ڳالهه هئي. هوئن به مان هر ماڻهو جي خدمت ڪندو رهندو آهيان. منهنجي زندگي سماجي ڪمن ۾ گذري آهي اڄ به ڪو دوست فون ڪري ڪم چوندو آهي ته مان سڄي ڪراچي ۾ گهمندو ڦرندو ۽ اهو ڪم ڪندو آهيان آءُ اصل ۾ پاڪستان خاصخيلي جماعت جو سرگرم ميمبر آهيان مون کي عام ڀلائي جي ڪم ڪرڻ ۾ سڪون ملندو آهي.

**سوال: فيض صاحب زندگي جو ڪو يادگار واقعو جيڪو اوهان کان نه وسرندو هجي؟**

**جواب:** "اڪين ۾ لڙڪ آٽيندي" خالق صاحب منهنجي والد صاحب سان ڏاڍي محبت هوندي هئي ان جي بيماري جي خبر مونکي ڏاڍي دير سان پئي مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر والد صاحب کي نه بچائي سگهيس هو منهنجي هٿن ۾ 1984ع ۾ آخري هڏڪي ڏئي مون کان موڪلائي ويو. جنهن جو صدمو اڃان مونکي ياد آهي.

**سوال: فيض صاحب اوهان مرڪزي عهديدار هجڻ ناتي پنهنجي برادري لاءِ ڇا سوچو آهي؟**

**جواب:** اسان جي ڪوشش آهي ته پنهنجي برادري کي تعليم ڏياريون ڪو غريب تعليم کان نه رهجي هر ڪو سجاڳ رهي ۽ پنهنجا حق وڙهي وٺي. ڪنهن مير پير ۽ سردار جي

چڪر ۾ نہ اچي اسين چاهيون ٿا تہ هن قوم ۾ شعور اچي ۽ علم حاصل ڪري.

**سوال: فيض صاحب اتحاد جو چيئرمين صاحب جيڪا جدوجهد ڪري پيو ان ۾ ڪا تجويز ۽ صلاح جي ضرورت تہ پڌايو؟**

**جواب**: خالق صاحب! آءُ پنهنجي قبيلي جي اتحادن ۽ تنظيمن ۾ رهيو آهيان آءُ هن قبيلي سان 1976ع کان هليو آهيان. ماضي ۾ اقربا پروري ۽ انا رهي ان ڪري سرائي نياز حسين خاصخيلي اِهو محسوس ڪيو تہ ماڻهن کي اڪيلو نہ ڇڏجي ۽ ڪنهن نئين جزبي سان اچجي ان خيال سان اسان گڏجي 2016ع ۾ هالا ۾ وڏي تبديلي سان اتحاد جو پايو وڌو سرائي نياز حسين اهو واحد ماڻهو آهي جيڪو بهترين عادتن ۽ نيڪ خيالن جو مالڪ آهي. مان ائين چوندس تہ اسان جي برادري ۾ شهيد بشير خان قريشي اجان زنده آهي سچي سنڌ جي مرٽي پرٽي ۽ ذرٽي ۾ پهچي ٿو پنهنجي قبيلي کي گڏ ڪٺي هلي ٿو.

**سوال: فيض صاحب اوهان کان هڪ ذاتي سوال آهي تہ اوهان پنهنجي شادي ارينج مئريج ۽ لو مئريج ڪئي؟**

**جواب**: منهنجي شادي وڏڙن جي پسند سان مون 1978ع ۾ ڪئي مونکي ماشاءَ الله ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي جن کي سٺي تعليم ڏئي شادي ڪرائي ڇڏي آهي. هڪ پٽ انجنيئر آهي ۽ منهنجي نياڻي ڪمپيوٽر ۾ ڊپلوما ڪئي آهي ۽ پنهنجي ور سان خوش گذاري پئي. منهنجو اولاد صالح آهي. مونکي ڪراچي ۾ پنهنجي گاڏي پنهنجو گهر آهي ۽ هاڻي بقايا زندگي قبيلي لاءِ وقف آهي.

**سوال: فيض صاحب ڇا اوهان نوجوانيءَ ۾ عشق ڪيو؟**

**جواب**: خالق!!! ستل سور پيو جاڳائين مون عشق ڪيو نہ پر مونسان هڪ نوخيز پڌمٽي پيار ڪيو هو مان جڏهن حبيب بئنڪ جي سکيا ڪرڻ لاءِ 1986ع ۾ ڪراچي ويس اتي ٽريننگ ۾ هڪ ڇوڪري مونکي دل ڏئي ويٺي، پر مون محسوس نہ ڪيو جڏهن ٽريننگ ختم ٿي تہ هر ڪنهن ساٿي هڪٻئي کان موڪلايو ان ڇوڪري اکين ۾ پاڻي آڻي چيو تہ فيض توکي محسوس نہ ٿيو تہ منهنجو توسان عشق ٿي ويو آهي سو خدا را مونکي اڪيلو نہ ڇڏيو ۽ مونسا شادي ڪر.......! مونکي عجب لڳو ۽ شرم بہ آيو مون هن جي اکين ۾ ڏٺو تہ پيار جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو. سندن اهيو ناز ۽ انداز مونکان نٿو وسري مون ٽڏو ساهہ کڻي چيس تہ افسوس منهنجي شادي ٿيل آهي ۽ آءُ ٽن ٻارن جو پيءُ آهيان ان بعد ان ڇوڪري مونکي تعجب مان ڏٺو ۽ روئي پئي...... بس اها ڪيفيت مونکان نہ وسري سگهي آهي. "فيض خيالن ۾ گم ٿي ويو".

**سوال: اوهان جي پسند جي شخصيت؟**

**جواب**: منهنجو وڏو ياءُ ڊاڪٽر احمد علي خاصخيلي، سرائي نياز حسين خاصخيلي.

**سوال: پنهنجي قوم ۽ قبيلي لاءِ ڪو پيغام ڏيو؟**

**جواب**: سنڌي قوم متحد ٿئي ۽ ڌارين جي يلغار کي روڪجي، پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي چوندس تہ هن اتحاد جا هٿ مضبوط ڪيو ۽ سرائي جي ڪافلي جا ساٿي ٿيو.

# علي بخش خاصخيلي

سپريم ڪائونسل جو ميمبر (ٽنڊو الهيار)

حال احوال...... خالق خاصخيلي

**سوال: علي بخش خاصخيلي اوهان پنهنجو مڪمل تعارف ڪرائجو؟**

**جواب:** منهنجو جنم 1958ع ۾ ٿيو.منهنجي شروعاتي تعليم حاجي الله ڏنو خاصخيلي تعلقه ٽنڊوالهيار ۽ مئٽرڪ 1973ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪئي. انٽر مسلم ڪاليج حيدرآباد مان ماسٽر بعد مهراڻ يونيورسٽي ۾ ليڪچرار ٿيس ان دوران مون سنڌ يونيورسٽي مان MBA فرسٽ پوزيشن ۾ ڪئي انهي سال CSS ۾ وينٽس پاڪستان جي هڪ پوسٽ تي اپلاءِ ڪيم ۽ منهنجي فرسٽ پوزيشن آئي، 1987ع ۾ اڪنامي زون ۾ آفيسر ٿيس ان بعد بيرو آف ڪرڪيولر ۾ 19 گريڊ ۾ رٽائر ٿيس. مان بنيادي انجنيئر آهيان. ”هينئر تازو اتحاد ۾ شامل ٿيو آهيان“

**سوال: علي بخش اهڙو ڪم جيڪو اوهان ڪيو هجي ۽ خوشي محسوس ڪئي هجي؟**

**جواب:** ادا آءٌ سروس دوران منهنجو رويو اهڙو رهيو جو هر ماڻهو مون مان خوش رهيو ۽ ماڻهن کي مون عزت ڏني ۽ عزت ورتي اها وڏي خوشي آهي.

**سوال: اتحاد جو چيئرمين جيڪو اتحاد لاءِ ڪم ڪري پيو ان مان اوهان ڪيتري قدر مطمئين آهيو؟**

**جواب:** ادا... سرائي نياز خاصخيلي زندگي جو وڏو حصو پنهنجي قبيلي جي لاءِ وقف ڪيو آهي، پنهنجون جاني ۽ مالي خدمتون قوم کي ڏنيون آهن بنا لالچ جي هلي پيو آءٌ بلڪل ان جي جدوجهد مان مطمئين آهيان پر اصل طاقت عوام آهي ان جي ڪري يونٽ سازي ڪجي ته بهتر آهي.

**سوال: علي بخش صاحب زندگي جو ڪو ياگار واقعو جيڪو اوهان ڪان نه وسرندو هجي؟**

**جواب:** ادا زندگي مون خوش گذاري آهي مون ڪوشش ڪئي آهي ته زندگي کي خوش گذاريان الله سائين سيني جي زندگي سکي رکي.

**سوال: اوهان جي شادي ڪڏهن ٿي ۽ ڪيترو اولاد آهي؟**

**جواب:** ادا خالق! منهنجي شادي 1991ع ۾ ٿي مونکي ٽي ڌيئرون ۽ چار پٽ آهن ٻن پٽن MBBS ڪئي آهي ۽ ٻيا پڙهن پيا مان چاهيندس ته پنهنجي اولاءِ کي تعليم سٺي ڏيان.

**سوال: اوهان جي پسند جي شخصيت؟**

**جواب:** حضرت محمد ڪريم ﷺ.

**سوال: اوهان جي پسند جو شهر؟**

**جواب:** ڪراچي ۽ پنهنجو ڳوٺ.

**سوال: پنهنجي قبيلي لاءِ ڪو خاص پيغام ڏيڻ چاهيو؟**

**جواب:** پيغام اهيو آهي ته اولاد کي سٺي تعليم ڏيو ڪوڙ کان پاسو ڪيو ۽ ٻين جي مدد ڪريو.

# حاجي محمد صديق خاصخيلي

سپريم ڪائونسل جو ميمبر (ڪوٽ لالو)

ملاقات ........ خالق خاصخيلي

**سوال: محمد صديق خاصخيلي اوهان پنهنجو مڪمل تعارف ڪرائجو؟**

**جواب**: سائين منهنجا آءُ 1963ع ۾ حاجي خميسو خان خاصخيلي جي گهر ۾ اک کولي مان بنيادي زميندار آهيان ۽ ان ڪان روڊس ڪاتي جو ٺيڪيدار آهيان منهنجي شروعاتي تعليم جاجهه موري، دريا خان مري ۽ MBA نوابشاهه مان ڪئي.

**سوال: اهڙو ڪم جيڪو اوهان ڪري خوش ٿيا هجو؟**

**جواب**: خالق! آءُ پنجن سالن جو هيس ته منهنجو والد گذاري ويو منهنجي بچپن ڏاڍي ڏکي گذري چو ته والد جو سايو نه رهيو ۽ يتيمي جو بار جلد منهنجي ڪلهن تي اچي ويو. ان ڪري يتيمن ۽ غريبن جو وڏو مددگار رهيو آهيان آءُ سماجي ڪم ڪري هر ويل خوش رهندو آهيان. پنهنجي تر جا فيصلا نيڪ نيتي سان ڪندو آهيان. هر قوم جي مدد ڪندو آهيان.

**سوال: محمد صديق زندگي جو يادگار واقعو ٻڌايو؟**

**جواب**: آءُ ننڍپڻ ۾ پنهنجي والد سان گڏ هيس منهنجي مٿان جڳهه ڪري پئي منهنجو والد مونکي بچائيندي بچائيندي شهيد ٿي ويو آءُ زخمي حالت ۾ ٻاهر نڪري آيس اهو لمحو يادگار آهي.

**سوال: پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو چيئرمين جيڪو ڪم ڪري پيو ان کي توهان ڪيئن پيا ڏسو؟**

**جواب**: ادا آءُ هن اتحاد جو بنيادي ميمبر آهيان سرائي جي جدوجهد کي سلام ڪيان پيو قبيلي کي هڪ پليٽ فارم تي ڏسي خوشي ٿئي ٿي. سرائي سان لکين ماڻهون محبت ڪن ٿا منهنجون محبتون به هن اتحاد سان آهن. هي اتحاد اسان کي محبتون ڏئي ٿو، هي بهتر ڪم ڪري ٿو.

**سوال: زندگي جي اهڙي ڪا خواهش جيڪا پوري نه ٿي هجي؟**

**جواب**: الله سائين هر خواهش پوري ڪئي آهي مون ضلعي ڪائونسل جي ممبرشپ تان هڪ دفعو هارايو آهي جيڪر اهو هن دفعي کٽي قوم جي خدمت ڪريان.

**سوال: سنڌ ۾ تعليم جو نظام ڪيئن هجڻ گهرجي؟**

**جواب**: خالق .......... اسان جڏهن پڙهندا هئاسين ته ڪاٺ جي پٽي هوندي هئي اها ميٽ سان ملي وري سبق وٺندا هئاسين. پراڻي دؤر جو اهيو بهتر طريقو هيو. هن دؤر ۾ انگريزي اچي وئي ۽ اصل سنڌي ٻولي ختم ٿي وئي سنڌي ٻولي کي جيارڻ لاءِ پنهنجي مادري ٻولي کي بچايو.

**سوال: اوهان پنهنجي شادي پسند جي يا والدين جي پسند جي ڪئي؟**

**جواب:** مون شادي 1989ع ۾ ارينج مئريج ڪئي. اولاد ۾ چار پٽ آهن چارئي سروس ۾ آهن. ٻه نياڻيون آهن خدا جو شڪر آهي وقت بهتر گذري پيو.

**سوال: صديق صاحب اوهان نوجواني ۾ عشق به ڪيو؟**

**جواب:** بس اهڙو خاص موقعو نه مليو منهنجو عشق گهمڻ ڦرڻ سان آهي.

**سوال: پنهنجي قبيلي ۽ قوم لاءِ خاص پيغام هجي ته ڏيو؟**

**جواب:** پيغام اهيو آهي ته اچو ته سنڌي ٻولي بچايون پنهنجن ٻارن کي قرآن ۽ حديث پڙهايون سنڌ جي تهذيب کي جياريون. اي خاصخيلي...! امن سان رهو ٻڌي ڪيو.

## علي اڪبر خاصخيلي

گيت: (ڪارو چاڻ)

خاصخيلي ذات جو جيارو اچي پيو
ڏس هر مظلوم جو سهارو اچي پيو
نه تو سهي ظلم پنهنجي ذات تي
هر ڏکي ويل اچڻ وارو اچي پيو
دنيا جي تونگرن ۽ سردارن کي ڇڏي
مظلوم سان ملڻ موچارو اچي پيو
علي اڪبر آهي مخلص ۽ نيارو نياز
خاصخيلي اتحاد جو پيارو اچي پيو.

## ممتاز علي خاصخيلي

مرڪزي وائيس چيئرمين (ميرپورخاص)

انٽرويو وٺندڙ ....... خالق خاصخيلي

**سوال: ممتاز علي صاحب پنهنجو مڪمل تعارف ڪرائجو؟**

**جواب:** منهنجو جنم 1975ع ۾ ڳوٺ محمد صديق تعلقه حسين بخش مري ۾ ٿيو. مون 1992ع ۾ ميٽرڪ ڪئي انٽر ميرپور خاص مان ڪئي. منهنجو ننڍپڻ ڏينهن جو شهر ۾ ۽ رات جو راجه ريل ۾ چڙهي ڳوٺ ويندو هيس. منهنجو ننڍپڻ ڏاڍو حسين گذريو هاڻي نه اها راجه ريل آهي نه ٻاروتڻ آهي نه لاڙ جون حسين راتيون، بس هاڻي گهر جو بار ڪلهن تي آهي ۽ آءُ هاڻي سياسي ماڻهو آهيان. گهڻو وقت سياست ۾ گذاريان ٿو.

**سوال: ممتاز علي صاحب جڏهن اوهان جوان ٿيا ته اڳتي جو سفر ڪيئن گذريو، نوجواني جون ڪي يادون؟**

**جواب:** منهنجو گذرسفر ماشاءَ الله سٺو آهي آءُ زميندار ۽ ٺيڪيدار به آهيان پلي گاڏي پلا دوست آهن ۽ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو مرڪزي وائيس چيئرمين آهيان ان سان گڏ هن اتحاد جو بنيادي ميمبر آهيان منهنجون ستن سالن سالن کان همدرديون هن اتحاد سان آهن آءُ ماضي ۾ راڄوٽي اتحاد جو حصو رهيو آهيان اتان نظرياتي اختلافن ڪري سرائي صاحب سان گڏجي هي اتحاد ٺاهيو هينئر اسان جي اتحاد جون سڄي سنڌ ۾ ٻاڙيون آهن بهتر ڪم هلي پيو سرائي صاحب هڪ بهترين

اڳواڻ مليو آهي پنهنجي قبيلي جو هي واحد ماڻهو آهي جيڪو ڏينهن رات هلي پيو.

**سوال: اوهان تر جا سٺا سياسي، سماجي ماڻهو آهيو اوهان پنهنجي ڳوٺ کي ڪيتري ترقي ڏياري آهي؟**

**جواب:** مان سياست ۾ 1988ع ۾ آيس آءُ پنهنجي يونين ڪائونسل جو پ پ صدر آهيان ان کان پوءِ تعلقي جو نائب صدر به رهيس آءُ ٽي دفعا جنرل ڪائونسل جي سيٽ تي ڪامياب ٿيو آهيان پنهنجي برادري ۽ ڳوٺ کي روڊ پليون پارٽي کان وٺي ڏنم ان کان سواءِ برادر کي چار ڪروڙ جا روڊ وٺي ڏنم منهنجي ڪوشش آهي ته پنهنجي مظلوم ماڻهن کي ڪم اچان؟

**سوال: سرائي نياز حسين جيڪا جدوجهد ڪري پيو ان لاءِ تجويز يا اصلاح جي ضرورت آهي ته ڏيو؟**

**جواب:** پنهنجي اتحاد ۾ ڪميون ڪوتاهيون آهن جن کي گڏجي حل ڪيون پيا هي اتحاد سرڪاري نه آهي جو ڪا فنڊنگ ٿئي بس پنهنجي مدد پاڻ تحت اسان سرائي سان گڏ آهيون. ماضي جي اتحادن کان سؤ ڀيرا وڌيڪ صحي هلي پيو چو ته اسان جو اڳواڻ وڏو محنتي آهي.

**سوال: ممتاز علي اهڙي ڪا خواهش جيڪا اڃا پوري هجي؟**

**جواب:** بس خواهش آهي ته الله سائين سرائي جي عمر دراز ڪري جيئن قوم جي گڏجي خدمت ڪريون.

**سوال: ممتاز صاحب توهان شادي ڪڏهن ڪئي؟**


**جواب:** مون شادي 1992ع ۾ ڪئي هينئر منهنجو اولاد جوان آهي ۽ گهر جو بهتر ماحول هلي ٿو.

**سوال: آخري قوم لاءِ پيغام؟**

**جواب:** تعليم حاصل ڪيو جهيڙن کان پاسو ڪيو وڏن جو ادب ڪريو، سنڌ جي آزاد هوا ۾ خوش گذاريو ۽ ان جي ماڻهن لاءِ محبتون ونڊيو.



مولا بخش خاصخيلي جي دعوت ۾ (ڳوٺ مت تعلقه نئري ميرواه)



قاضي احمد ڌرڻي ۾

# عبدالحق خاصخيلي

سپريم ڪائونسل جو ميمبر (بدين)

حال احوال: خالق خاصخيلي

**سوال: عبدالحق خاصخيلي اوهان پنهنجي زندگي جو پس منظر ٻڌائجو.**

**جواب**: خالق آءُ سارين جي ديس لاڙ پچاڙ جي پٽن ۾ هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيس. منهنجي پرائمري تعليم ٽنڊو غلام علي تعلقہ تلهار مان ٿي. ان بعد مون ميٽرڪ نوولراءِ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪئي. انٽر 1985 ع ۾ مسلم ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي. LLB حيدرآباد مان ڪئي. 1988ع ۾ روينيون آفيسر ٿيس مان بنيادي سماجي ورڪر ۽ قومپرست آهيان، هن اتحاد جو بنيادي ميمبر آهيان مون پنهنجي زندگي ڳوٺ ۾ تمام غربت ۾ گذاري اسين يارهن ڀائر آهيون، منهنجي امڙ پاڻ بک تي سمهي اسان کي پڙهايو. منهنجي زندگي جا حسين ڏهاڙا حيدرآباد جي هوائن ۾ گذريا.

**سوال: پاڪستان خاصخيلي اتحاد بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟**

**جواب**: اتحاد جو اڳواڻ هڪ باڪردار ۽ محنت ڪش انسان آهي مونکي ان تي فخر آهي اجا بہ جدوجهد جي ضرورت آهي جيڪا اسان کي گڏجي ڪرڻ کپي جيئن قبيلي جي تعليم، صحت ۽ ترقي ۾ واڌارو اچي منهنجي خيال ۾ اسين شاندار قبيلي جا فرد آهيون اسان جو ماضي بہ شاندار رهيو آهي. اسين هن اتحاد جي پليٽ فارم تان سيني کي اڳتي ڪٺي هلون.

**سوال: عبدالحق صاحب اوهان جي پسنديده شخصيت ڪهڙي آهي؟**

**جواب**: سياسي طرح جي ايم سيد ان کان پوءِ شيخ اياز، الطاف شيخ، سرائي نياز حسين، دولهہ دريا خان ۽ آريسر صاحب.

**سوال: اوهان شادي ڪڏهن ڪئي؟**

**جواب**: منهنجي شادي 1988ع ۾ ٿي جيڪا منهنجي وڏڻ پنهنجي ماسات سان ڪرائي. شڪر آهي منهنجي فيملي سان ۽ ٻاڙي سان منهنجا دوستاڻا لاڳاپا آهن.

**سوال: ڇا زندگي ۾ عشق بہ ڪيو؟**

**جواب**: مون عشق ڪيو انسانن سان ۽ هن ڌرتي سان پنهنجي گهر سان ۽ خاصخيلي قبيلي سان جيڪو اجان هلي پيو.

**سوال: آخر ۾ پيغام ڏيو جنهن ۾ اسان جي ترقي ۽ جستجو هجي؟**

پيغام لطيف چواڻي تہ: ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري.



بدين جي شهر تلهار جي ۾ ريلي دوران

# منظور حسين خاصخيلي

(شهدادپور)

ملاقات: خالق خاصخيلي

**سوال: منظور حسين اوهان پنهنجو مڪمل تعارف ڪرايو؟**

**جواب**: منهنجو نالو منظور حسين ولد ڏاڙهون فقير خاصخيلي ڳوٺ محمد جمن خاصخيلي هينئر شهدادپور شهر ۾ رهان پيو آءُ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو شروعاتي ميمبر آهيان پنهنجي قوم جي فڪر ۾ سرائي سان سلهاڙيل آهيان مون بنيادي تعليم شهدادپور مان ان بعد ڊپلوم ٽيڪنيڪل ڪاليج سانگهڙ مان ڪئي. منهنجو ماضي ڏاڍو شاندار گذريو چو ته اسين زميندار آهيون مان بابا جو دادلو پٽ هيس بابا مونکي ڏاڍو پيائيندو هو.

**سوال: اهڙو ڪم جيڪو اوهان ڪان نه وسرندو هجي؟**

**جواب**: آءُ ماضي ۾ مقصودو رند جو بهترين ۽ بهادر صحافي رهيو آهيان ڪيئي سال مقصودو رند پريس ڪلب جو صدر رهيو آهيان، آءُ صحافت ۽ سماجي ڪمن ڪري خوش گذاريندو آهيان مونکا ماضي جي صحافت ڪڏهن به نه وسرندي جو مون ماضي ۾ حق ۽ سچ لکيو.

**سوال: ماضي جو ڪو يادگار واقعو؟**

**جواب**: زندگي سچي واقعن ۾ گذري آهي ماضي ۾ منهنجي ڳوٺ تي پوليس چڙهائي ڪئي ان ۾ منهنجا ڀائر بيگناهه جهلجي ويا ۽ ڪيئي مهينا جيل جون سختيون سٺائون ان وقت مون پوليس سان مزاحمت ڪئي مگر منهنجا ڀائر محمد حسن ۽ محمد صالح قيد ۾ رهيا. ان صدمي ۾ بابا گذاري ويو ۽ مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو.

**سوال: پاڪستان خاصخيلي اتحاد لاءِ اوهانجو خيال يا سوچ ڇا آهي؟**

**جواب**: پاڪستان خاصخيلي اتحاد بهتر ڪم ڪري پيو ان ۾ سرائي جو رت ۽ ست شامل آهي. سرائي صاحب جهڙو ليڊر اسان ڪي مليو آهي اها اسان جي خوشنصيبي آهي بس سو چ اها ئي آهي ته هي مانجهي مڙس ڪڏهن ڏکيو ڏينهن نه ڏسي. جڪرا جيئين شال تنهنجو ڪنين مدو م سٺان.

**سوال: خاصخيلي برادري لاءِ مستقبل ۾ ڇا پلان آهي؟**

**جواب**: پلان ته سياسي ماڻهو ٺاهيندا آهن اسين چاهيون ٿا ته سڀ روزگار سان لڳل هجن سڀ پنهنجو ڪاروبار ڪن تعليم حاصل ڪن سرائي نياز جيڪو ڪم ڪري پيو اهڙو اسان به ڪيون جيئن اسان جي اتحاد جو مستقبل بهتر ٿهي.

**سوال: اوهان جي شادي پسند جي يا والدين جي پسند جي؟**

**جواب**: منهنجي شادي منهنجي والد جي ۽ منهنجي گڏيل پسند آهي.

**سوال: اوهان جي پسند جي شخصيت؟**

**جواب**: منهنجو والد ڏاڙهون فقير ۽ بينظير ڀٽو.

**سوال: منظور حسين آخر ۾ پنهنجي ذات لاءِ پيغام ڏيو؟**

**جواب**: علم حاصل ڪريو، نوڪري تي نه ڀاڙيو پنهنجو ڪاروبار ڪريو، پنهنجي اوڙي پاڙي جو خيال رکو هن مظلوم قوم جي چپر ڇانو ٿيو.

# سپريم ڪائونسل جو ٽي ماهي اجلاس

(پٽ شاهه)

**اکين ڏٺو احوال: خالق خاصخيلي**

سپريم ڪائونسل جو اجلاس 16-01-2022 پٽ شاهه تي ٿيو هن اجلاس جي ايجنڊا ايندڙ بلدياتي اليڪشن ۽ يوم تاسيس بابت سوچ ويچار ڪيو ويو، سپريم ڪائونسل جي هن اجلاس ۾ پهريون دفعو تعلقه صدر آيل هيا پروگرام جي شروعات ٺيڪ 12 بجه تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي ان بعد آيل مهمانن کي چيئرمين صاحب آجياڻو ڏنو ۽ سنڌ جي آيل سيني تعلقه صدرن کي اجرڪون پارايون. ضلعي صدرن ۾ عبدالحق خاصخيلي (بدين)، حاجي غلام الدين خاصخيلي (خيرپورميرس)، الطاف حسين خاصخيلي (لاڙڪاڻو)، دلشير خاصخيلي (حيدرآباد)، خادم حسين خاصخيلي (نوشهروفيروز)، محمد شريف خاصخيلي ۽ متارو خاصخيلي (نوابشاهه)، محمد صديق خاصخيلي (ڪوٽ لالو)، غلام حيدر خاصخيلي (ڪراچي)، علي اڪبر خاصخيلي ۽ محمد رفيق خاصخيلي (ڪراچي)، محمد پريل خاصخيلي (عمرڪوٽ)، يار محمد خاصخيلي (مٽياري)، ربڏنو خاصخيلي (ٽري ميرواهه)، نثار حسين خاصخيلي (ڪراچي)، عطا محمد ۽ جي–ايم بابو، ممتاز علي خاصخيلي (ميرپورخاص)، علي بخش خاصخيلي (ٽنڊو الهيار)، منظور حسين خاصخيلي، فيض خاصخيلي (ڪراچي) ۽ محمد قاسم خاصخيلي (دادو) جن شرڪت ڪئي. آيل سيني دوستن واري واري سان ڳالهايو ان بعد آخر ۾ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي چيئرمين نياز حسين خاصخيلي ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه ضلعن جا صدر ۽ تعلقن جا صدر تمام سست آهن انهن کي چتاءُ ٿو ڏجي ته پنهنجون سرگرميون تيز ڪيو نه ته پنهنجي سيٽ خالي ڪيو ايندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ پنهنجا نوجوان تيار ڪيو انهن کي سياست ۾ متعارف ڪرايو پهريان پنهنجي تعليم مڪمل ڪن پوءِ انهن کي سياست ۾ آڻيو چيئرمين صاحب وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته هي اتحاد رضاڪار آهي هن ۾ پنهنجا رنج رساما ڇڏي اڳتي وڌو ايندڙ يوم تاسيس پٽ شاهه جي نگري ۾ ملهايو ويندو. هن پروگرام ۾ هٿ جا هنر ۽ ادبي ڪتابن جا اسٽال لڳايا ويندا. اسين سڀ هڪ مضبوط قوم جا فرد آهيون ۽ اسان کي متحد رهڻو آهي. آخر ۾ آيل مهمانن کي فقير منظور حسين خاصخيلي ڪچهري حال ۾ مانجهاندو ڪرايو.

## غلام سرور خاصخيلي (گيت)

محبتن کي وڌائي وڌائي هلو، ڇاهي نفرتن ۾
ها نفرتن کي مٽائي مٽائي هلو، ڇا نفرتن ۾
ڪجهه ڏينهن ويندا گذري پيارا
مدايون مٽائي مٽائي هلو
قبر تنهنجي تي ڦٽندا سدا سرور گلاب
ڪندو ڪير ورهائي ورهائي هلو

# ڪارونجھر جي ڪڇ مان

خط: غلام مصطفیٰ خاصخيلي

نڪو پير ڪي نڪو مير ڪي منهنجو سجدو رکي جو انسانيت ان ڪي آ.

آءٌ هي ٻه اکر پاري ننگر جي پٽن مان ڪارونجھر جي ڪڇ ۾ مورن جي جھرمر ۾ ويهي لکي رهيو آهيان پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو اڳواڻ، ارڏو، اٿل ۽ مانجهي مڙس سرائي نياز حسين خاصخيلي قبيلي جو هڪ پرجهلو انسان آهي مان ڪيس سرخ سلام پيش ڪيان ٿو. سرائي جي نياز ۽ نوڙت ۽ جريت کي سلام پيش ڪريان ٿو. سرائي هڪ باضمير ۽ باشعور انسان آهي. سرائي جو پيغام ويراواهه جي وادي کان ٿيندو ننگرپارڪر جي ميداني علائقن ۾ پهتو آهي. شال سکيو ۽ ستابو هجي، سرائي صاحب اوهين قوم ۽ قبيلي لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪري رهيا آهيو سا جس لکو! منهنجو رت ۽ ست اوهان لاءِ ۽ اتحاد لاءِ حاضر آهي. جڏهن ٻه اوهان سڏ ڪندؤ ته توهان کي ٿر جي مٽي مان ضرور ورنائبو اوهان جهڙيون مهان شخصيتون سالن ۾ پيدا ٿينديون آهن، سرائي صاحب آءٌ زندگي ۾ اوهان سان مليو ته ناهيان پر منهنجو پيار اوهان سان آهي توڙي جو آءٌ سوين ميل ننگر ۾ رهان ٿو، خدا اوهان جو حامي ۽ ناصر رهي.

اوهانجو ٿري چوڪرو

# تعلقہ نارا جي باڊي جو اعلان

صحافي ربنواز خاصخيلي

تعلقہ نارا ۾ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي چيئرمين سرائي نياز حسين خاصخيلي جو تعلقي ۾ اچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو خاصخيلي برادري طرفان پنهنجي محسن مٿان گلن جي ورڪا ڪئي وئي. جڏهن ته تاج پيٽرول پمپ کان استاد محراب علي خاصخيلي، ڊاڪٽر ڪريمداد خاصخيلي، ميانداد خاصخيلي، امتياز علي خاصخيلي، گلشن علي خاصخيلي، ناظم علي خاصخيلي، غلام عابد خاصخيلي ۽ شهزادو خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ سوين گاڏين جو ڪافلو ريلي جي صورت ۾ پنهنجي محبوب اڳواڻ سان محبت جو اظهار ڪندي سڪندر آباد لڳ پيارو خان خاصخيلي ۾ پهتو، جتي هڪ وڏو پروگرام سجايو ويو هو، تلاوت ڪلام پاڪ کان پوءِ اسٽيج سيڪريٽري استاد محمد سليم خاصخيلي ۽ خالق خاصخيلي پروگرام کي هلائيندي اڳتي وڌايو، آجياڻو سگهڙ راوت خاصخيلي ڏنو ان بعد آيل مهمانن کي اجرڪون پارايون ويون ان بعد تقريرن ۾ حاجي غلام الدين خاصخيلي، خالق ڏنو خاصخيلي، عمران احمد خاصخيلي ۽ ربڏنو خاصخيلي ان بعد آخر ۾ چيئرمين صاحب پنهنجي اتحاد جو آئين ۽ منشور پڙهايو ۽ نارا تعلقي جي قبيلي کي سجاڳي جو سڏ ۽ يوم تاسيس جي دعوت ڏني ان کان پوءِ تعلقي ناري جي باڊي جو اعلان ڪيائين، تعلقہ صدر استاد محراب علي خاصخيلي، جنرل سيڪريٽري مياداد

خاصخيلي، سٽي صدر چوندڪو ربنواز خاصخيلي ۽ جنرل سيڪريٽري امتياز خاصخيلي چونڊيا ويا ان بعد چانهه پارٽي لاءِ هي قومي قافلو حاجي محمد ابراهيم خاصخيلي جي اوطاق تي پهتو اتي آيل مهمانن کي خير محمد خاصخيلي اجرڪن جا تحفا ڏنا ۽ مبارڪ خان خاصخيلي ڪافلي مٿان گل نڇاور ڪيا. آيل مهمانن جو محمد ابراهيم خاصخيلي شڪريو بجا آندو هن پروگرام ۾ محمد يعقوب خاصخيلي، استاد مشتاق احمد خاصخيلي، رضا محمد خاصخيلي، وڏيرو حاڪم خان خاصخيلي، توهه فقير خاصخيلي ۽ غلام حسين خاصخيلي سميت ڳوٺ جي معزز ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ آيل سيني ماڻهن کي سرائي نياز حسين 23 مارچ تي پٽ شاهه تي ٿيندڙ يوم تاسيس جي دعوت ڏني.

## تعلقہ ڪپرو جو اجلاس

تعلقہ ڪپرو جي ڳوٺ حاجي جمعو خان خاصخيلي ۾ ۽ ڳوٺ الهڙيو خاصخيلي ۾ اتحاد جون گڏجاڻيون ٿيون ضلعي اڳواڻ مشتاق حسين سروري اظهر حسين خاصخيلي، فياض حسين خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ صدر حاجي سڪي لڌو نائب صدر محمد بخش خاصخيلي، جنرل سيڪريٽري اڪبر علي خاصخيلي، اطلاعات سيڪريٽري اياز احمد خاصخيلي ۽ پيا ميمبر چونڊيا ويا.

## بدين جو اجلاس

نثار احمد خاصخيلي

26 ڊسمبر 2021ع تي بدين جي شهر تلهار ۾ ضلعي صدر عبدالحق خاصخيلي جي سربراهي ۾ اجلاس گهرايو ويو هن اجلاس ۾ نثار احمد خاصخيلي ۽ ڊاڪٽر علي حسن خاصخيلي جي ڪوششن جي ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ جمع ٿيو هن جلسي ۾ چيئرمين سرائين نياز حسين خاصخيلي، منظور حسين خاصخيلي، محمد رفيق خاصخيلي، ممتاز علي خاصخيلي، وڏيرو غلام مصطفیٰ خاصخيلي، حاجي فيض خاصخيلي، حاجي مصري خان خاصخيلي ۽ محمد پريل خاصخيلي سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سرائي صاحب ڳالهائيندي چيو تہ ايندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ پنهنجا ماڻهو تيار ڪيو ۽ پنهنجن کي کٽرايو. آخر ۾ وڪيل امر حق خاصخيلي، محمد اسماعيل خاصخيلي، عزيز احمد خاصخيلي، سانوڻ خان خاصخيلي، جمن خان خاصخيلي، ڏٽي پرتو خاصخيلي، محمد شريف خاصخيلي ۽ وڪيل بشير احمد تقريرون ڪيون آخر ۾ آيل مهمانن کي عبدالحق خاصخيلي مانجهاندو ڪرايو.



# ٽنڊو آدم جو ماهوار اجلاس

پاڪستان خاصخيلي اتحاد ٽنڊو آدم جي تعلقہ صدر خالد حسين خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ اجلاس ٿيو هن اجلاس ۾ مختيار حسين خاصخيلي، جاويد حسين خاصخيلي، ڏتي بخش خاصخيلي، امجد علي خاصخيلي، راشد علي خاصخيلي، حمير خان خاصخيلي ۽ محمود خان خاصخيلي موجود هيا، هن اجلاس ۾ قاضي احمد جي پنڊن لاءِ دعا گهري وئي ۽ پٽ شاهہ تي يوم تاسيس جي لاءِ پروگرام طئي ڪيو ويو.

# تلهار جي ماهوار ميٽنگ

نثار احمد خاصخيلي

پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي چيئرمين سرائي نياز حسين خاصخيلي بدين ضلعي جي تعلقن جو دورو ڪيو جن ۾ تلهار ماتلي ۽ گولاڙچي شهرن جو دورو ڪيو ڪيس مختلف جاين تي گلن جي ورڪا ۽ آجياڻو ڏنو ويو ڳوٺ طاهر خاصخيلي ۾ غلام محمد خاصخيلي جي وفات تي سندس پٽ سان تعزيت ڪئي ان بعد تلهار پريس ڪلب ۾ صحافين سان ملاقات ڪئي. چيئرمين صاحب سان گڏ عبدالحق خاصخيلي، ظهور احمد خاصخيلي، ٽنڊو باگو جو صدر سرائي فهيم خاصخيلي، تعلقہ گولاڙچي جو صدر عابد حسين خاصخيلي ۽ ماتلي جو صدر ڪامران خاصخيلي پڻ موجود هيا. سرائي نياز حسين 2022ع ۾ ملهائيجندڙ يوم تاسيس جون دعوتون ڏنيون.

# ڪورنگي ميٽنگ ڪراچي

ڊاڪٽر غلام حيدر خاصخيلي

يوم تاسيس 2022 لاءِ پاڪستان خاصخيلي اتحاد ڪورنگي جي ميٽنگ ڪوٺائي وئي، هن ميٽنگ جي صدارت ڊويزن صدر محمد رفيق خاصخيلي ڪئي هن گڏجاڻي ۾ ڪورنگي شهر ۽ پرپاسي جي سيني خاصخيلين ڀرپور شرڪت ڪئي هن ۾ محمد حنيف خاصخيلي، مولا بخش خاصخيلي، غلام مصطفیٰ خاصخيلي، ضمير حسين خاصخيلي ۽ علي احمد خاصخيلي تقريرون ڪيون ۽ آيل دوستن کي ماچ ۾ ٿيندڙ يوم تاسيس جي دعوت ڏني.

# ڪوڪرا پار جو اجلاس

ڊاڪٽر غلام حيدر خاصخيلي

پاڪستان خاصخيلي اتحاد پاران خاصخيلي ڪمپائونڊ ڪوڪرا پار ضلع ڪورنگي ۾ ميٽنگ سڏائي وئي هن اجلاس جي صدارت محمد رفيق خاصخيلي ڪئي ان بعد ڊاڪٽر غلام حيدر خاصخيلي، ابوبڪر خاصخيلي، محمد سليمان خاصخيلي، عنايت علي خاصخيلي، معصوم بشير احمد خاصخيلي ۽ ٻين ڪيترن ئي سرگرم ساٿين شرڪت ڪئي. پاڪستان خاصخيلي اتحاد طرفان يوم تاسيس ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت ڏني ۽ هلڻ جي لاءِ گاڏين جو بندوبست ڪرڻ لاءِ چيو.

## ضلع نوشهرو فيروز جي ميٽنگ

فيض خاصخيلي

پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي يوم تاسيس جي پروگرام متعلق چيئرمين صاحب جي صدارت ۾ عبدالحفيظ خاصخيلي جي رهائشگاهه تي اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ ڊويزن صدر يار محمد خاصخيلي، ميمبر سپريم ڪائونسل حاجي محمد صديق خاصخيلي، سيٺ عطا محمد خاصخيلي، ضلع صدر خادم حسين خاصخيلي، اعجاز علي خاصخيلي، امين خاصخيلي، عبدالغني خاصخيلي، احمد خان خاصخيلي ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي سڀني گڏيل راءِ سان اهيو فيصلو ڪيو ته هن دفعي پٽ شاهه تي لکن جي تعداد ۾ گڏ تي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ آهي.

## تعلقه ٽري ميرواهه جو ماهوار اجلاس

خالق خاصخيلي

پاڪستان خاصخيلي اتحاد پاران تعلقه ٽري ميرواهه ۽ فيض گنج جي گڏيل ميٽنگ ڳوٺ سجاول خان خاصخيلي ۾ رکي وئي جنهن ۾ اعزازي مهمان سرائي نياز حسين خاصخيلي، ضلع صدر غلام الدين خاصخيلي، تعلقه صدر قربان علي خاصخيلي، تعلقه صدر رب ڏنو خاصخيلي، جنرل سيڪريٽري عمران علي خاصخيلي، پريس سيڪريٽري خالق ڏنو خاصخيلي، آفتاب يوسف خاصخيلي، ظفر حسين خاصخيلي، نصرالله خاصخيلي ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي ۽ يوم تاسيس ۾ هلڻ لاءِ پلاننگ ٿاهي.




چيئرمين صاحب سان گڏ نثار احمد (بدين)



ميانداد خاصخيلي جي پروگرام ۾ (نارو)



حاجي محمد ابراهيم خاصخيلي جي دعوت ۾ (نارو)









**پاڪستان خاصخيلي اتحاد پاران هلنڊڙ خاص ڊولپمينٽ ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ پاران سرگرميون**

